غوث محمد المعروف

ارشاد عباس صوفي القادري

جون كافيون

صاحب کريم
صوفي ارشاد عباس ستاري رح
جن جو هڪ منفرد انداز

Scanned with CamScanner



صاحب کریم
صوفي ارشاد عباس ستاري رح

Scanned with CamScanner

حمد

باري تعاليٰ

مون ۾ ٿي عيب هزار،
ننگي پنهنجو ننگ سڃاڻج.

1- ڪين ڪمايم ڪم نہ آيم، ڏولڻ پاپ پَلوءَ ۾ پايم،
بيحد آهيان بدڪار.

2- نِڏر نماڻي عيبن هاڻي، حال حقير جو ڄام ٿو ڄاڻي،
سونهن پريا سردار.

3- لالڻ تنهنجي لڳي آهيان لاري، پنهل پورهيت پئي ٿي پناري،
جهڙي تهڙي گنهگار،

4- "ارشاد" جون جاني ميٺ مدايون، پال ڪري ڪر پورل پلايون،
آقا عبدالستار.

******

Scanned with CamScanner

نعت

رسول مقبول ﷺ

ٹلہ: تیڈا شـــان کِـیـتا، ربّ اعلیٰ،
تیڈي مدح داکوئي حساب نهين،

1- تون بدرالد جيٰ ، تون نورالهـديٰ،
رب آپ سڈياتينون صَـــلِ عـــليٰ،
تـــون نور هـديٰ، محبوبِ خـدا،
تيڈي حسن دا کوئي جواب نهين.

2- تون ختمِ رُسل، هـــاديءَ کُـــل،
تون شافع امم،اسان غم گِئي يُل،
نهين شاني تيڈا ماري دم کهـڑا،
تيڈِي صفت ثنا جيها ثواب نهيـن.

3- صـــدقي پـــنجتن ســـرداران دا،
هووين حامي اسان بدکـــاران دا،
"ارشاد" جيهي ســـيہ کـــاران دا،
تين مدني جيها بيا جناب نـــهـين.

Scanned with CamScanner

نعت

رسول مقبول ﷺ

(حضرت بابا سائين ارشاد عباسؒ صوفي القادري)

ٿو جُهڪي سارو جهان، خـيرُالوَرَىٰ جي سامـــهون،
مير مرسل، صاحبِ هـــر دوســرىٰ جـي سامـهون،
ٿـي وَيـا مـعراج تـي، مُـرسل تڏهن مَلَڪن چيو،
ذات حـــق آهي عيان، اڄ دلـــــربا جي سـامهون،
پَل اندر پرجي وئي، جنهن مهل، مون جهولي جهلي،
صـاحبِ لـطف و عـطا، جُود و سَخىٰ جي سامهون،
روز مـحشر اَنـبياء، عـاجز جـڏهن هوندا تڏهن،
بـهر، بخشش ايندا، سپ، ڪهفُ الورىٰ جي سامهون،
سـهڻو هـيو، يوسف مجيم، پر، حُسن يوسف هيڇ آ،
حُـسنِ دنـدانِ، حـبيب ڪِـبريا[۲] جـي سـامـهون،
ابـتدا جـنهن جـي مُحمدَ ﷺ ءِ مُحمّد ﷺ انتها،
عـشق سـوئي آهـي ڪـامل، اَصفيا جي سامهون،
ساقي[۴] ڪوثر کان ئي گهر، جي اٿئي گهرٽو اي رند!
ورنہ تون شـرمنده ٿـيندين، مصطفىٰ[۵] جي سامهون.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ: اباڻن جي اُڪير، مولا مونکي مارون مـــــلائيندو.

1. مان مجتائون مـــــــارن لئي باسيان،
پـــــئي پـــــچـايان پير.
2. سرتيون ساهيڙيون مئيءَ جون مليرِ ۾،
ڪـــــليو پـــــيئن ڪير.
3. لـــــــوح قـــــلم لکيو پاڻ ٿي پاڙيان،
تـــــابع ٿيـــــس تـــــقدير.
4. قابو ڪـــڙولن ۾ عمر ڪيئن ڪٽجي،
زابـــــــــر پيا تہ زنجير.
5. "ارشـــــــاد" عبدالستار تان صدقي،
مـــــرشد مـــنهنجـــو منير.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ: اوڪي آ مامر محبت جـــي، اچي ڪو قرب مان ڪاھي.

1- ڏنو جن يار ڪـــي ڏوري،
دمن سان دم تڪي توري،
مليو محبوب تـــن اوري،
جو لاڳاپا لـــوڪ جا لاھـي.

2- نسنگ نروار ٽيا نـــانـگا،
سَنّي سرساه جا سانـــگا،
ٽيا اونھا بہ تِن تانگـــھا،
جني ڪي يار ٽو چـــاھـــي.

3- لڳا جـڏھن نينھن جا ناتا،
ٽياسي خـلق ڪان بـــاتا،
ٽيا ھـــڪ يـــار لئي آتا،
ٻئي جي غرض ڪا ناھـــي.

4- علڻ "ارشـــاد" جو رھبر،
سخي سھڻو صنر سرور،
سندم داتا دائـــــر دلبر،
اڙين آدر اَجـــــھو آھي.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ: ٻاجھ پوئي شل موڙِ مھارون - آءُ اڳڻ دل پيارا وو.

1- ناھي ساعت سک ڪوڙيءَ ڪي،
جاني جيءَ جـــيارا وو.

2- ڇَر ڇَر سانوڻ جـــيئن وسن ٿا،
نيڻ ڪيو ڏِس نـــارا وو.

3- قرب ۾ قابو قيد ڪري مـــــون،
دلڙي لُٽي وئين دلارا وو.

4- راتيون گذاريم روئندي روئندي،
شاھد ڪَـــتيون تـارا وو.

1- عشق انعام "ارشاد" ٿيـــوسي،
لـــڳڙا نينھن نظـارا وو.

****

Scanned with CamScanner

كـــــافي

ٹلھ: پال ڪرين مسڪينن تي داتا شاھ عنايت،
صـوفين جـــا ســـــــردار قلندر.

1- جـــھڙا تـــھڙا ھـــادي تـــنھنجا،
بيشڪ آھيـــــون بـــدڪار.
2- آســـون امـــيدون، ســيئي پوريون،
پـــريو ھـــــن پـــندار.
3- داتـــا دائـــم در جـــا ســوالي،
پـــــرتـــاڻي پيـــنار.
4- ارشـــاد تـــنھنجي در جـــو دايو،
صبح شـــام اٹـئي سرڪار.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلهه: پلي ڳولي تون ڏس سنسار وي،
لکو ڪونہ ٻئي ڪنهن پاروي.

1. تو ۾ ڪعبو بيت حرم آ، تو ۾ تيرٿ تکيا ڪـــرم آ.
ڪر وجود ۾ ويهي ويچار وي.

2. دم ڪي صورت سان رک شامل، مرد مڪمل ٿي تون ڪامل.
پوءِ درس ملئي ڪـــو ديدار وي.

3. ڪير پيو هي ٻوليون ٻولي، عين عبرت جي ڏس تون ڪولي
آيو عشق ڪـــــري اظهار وي.

4. ارشاد سُهٽي ستاري صـــورت، من مندر جي مُهٽي مـــورت.
ٿيو دل جو دل ۾ ديـــــدار وي.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

پل پل ۾ سڌا تنهنجون پچارون،
وري آءُ وطن تي موڙي مهارون.

1- سڪندي سڙيءَ کي سال لنگهي ويا،
هـــــجر ۾ هيڏا حـــال اچي ٿيا،
ساعت ساعت ۾ تنهنجون سنيارون.

2- ڦـــارون پـــايـــان، واڻون نهاريان،
جدائيءَ ۾ جانب گهنگهر ٿي گهاريـان،
موڻِي مِل لهن مُئيءَ جون مـــيارون.

3- "ارشاد" عجيبن تان جند جان گهـــوري،
لائي ويا مئيءَ کي لُونءَ لُونءَ ۾ لوري،
منا ويل هڪڙي نه ويهي وساريون.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ:- چاڻ ھـــڪ ھڪ، آ نشاني عـشق جي آزار جـــــي،
آه سرد و، رنگ زرد و، چـشم وتـــر بيمار جـــي،

1. اڄ چوي تو ھو سُيان ۽ ٽيو سُيـــــان جـــو نام اڄ،
هي به هڪ وعده وفـــــائي، يـــــار جَي اقرار جِي،

2. ڪوچۂ جانان ۾ پھچي، مان ڦران حيـــران ٿو جيئن،
طور تي موسيٰ ڪـــــئي ٽـــي، آرزو ديـــدارجي،

3. ويـــــجھڙائي يار جي، آھي رگِ جان کان قـــريب،
جان جي لـــــيکن رڳن کان، اوٽ تي اغـــيارجي،

4. الله الله حُسن دلبر جـــي ڪـــريان ڪھڙي ثـــنا،
ناز جي ، انداز جي ، رفـــتار جـــي گفتار جـــي،

5. عشق مدھوشي جو بخشي،مان تفاوت ڪيئن ڪـــريان،
شڪل ھڪڙي آھي جو، تســـبيح جي زنـــارجي،

6. مان ملامت لوڪ جي، سر تي ســـھـــايان ٿو مگر،
تون نہ مُنھن موڙج مِنا، ڪابد ڏســـي بـــدڪار جي،

7. مان گداءِ بي نوا، پُـــھچان حـــديق نـــاز ڪيئن،
ٿو پري کان ئي پســـان، رونق در و ديـــوار جـي،

8. مئي ڪدي جا ڪي نہ ٽـــي، آداب جاتم "رنـــد" پر،
وئـي ڪري سر شار مونـڪي ، هڪ نگھ سرشار جي.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلهه: جهانگيئڙن کان ووجُدا، شل ڪري نه خدا،

هـــــي من مارن لئه آمـــاندو.

سانگي مـــنهنجا ووسانگ وسن،

ملڪ پنهنجي ۾ خوش ٿي ڪلن،

سرساه ڪـــــنديس فدا مان تن،

آهي جن جي سڪڙي سدا تن من،

هـــــي مـــــن مارن لئه آماندو.

قســـــمت قيد ڪـــري آندي،

بـــــيوس بـــــند ۾ باندي،

قيدالماءَ جا ڏينهڙا ڪـــــٽي،

وجـــــي مـــــلنديس مٽي،

هـــــي من مارن لئه آمـــاندو.

دونـــــهان درد جا، وو دل ۾ دڪـن،

پَلپَل مـــــارون يـــــاد اچـــن،

مَن ۾ مـــــــحبت مَچ مچن،

اَولانـــــــبا اُتـــــــن،

هـــــي مـــن مارن لئه آماندو.

ارشاد انهن ڏي ويـــــندس وري،

جن ريءَ ساعت ڪين ســـــري،

تن ريءَ گهاريان نه هڪڙي گهڙي،

مـــــــنهنجي جـــــان جڙي،

هي مـــــــن مارن لئه آماندو...

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

دل آهـــي اَڙِي توســـان يار صـــنم،
مونکي تنهنجو قسم، تنهنجي سرجو قسم.

1- تنهنجا ناز نوان انداز نـــوان،
تنهنجي برهه جا بحري باز نوان،
تنهنجي ســک ۽ ســوز جــا ساز نـوان،
مونکي تنهنجو قسم، تنهنجي سر جو قسم.

2- جـند جان سـندم توتان يار فدا،
سچ آهي سڃڻ، هڪ ڄاڻي خدا،
تــوکــي ســاري منهنجو ســاهه ســدا،
مونکي تنهنجو قسم تنهنجي سر جو قسم.

3- تنهنجي حسن جو همسر ڪونہ ڏسان،
هڪ توکان سوا ٻيو ڪــونہ پَسَان،
ڪــيئن تــوبِن جــاني جڳ ۾ هَسَان،
مونکي تنهنجو قسم، تنهنجي سر جو قسم.

4- "ارشاد" کي عشق انعام ڏيو،
تنهنجي گولن جوبہ غلام ڏيو،
تنهنجو فيــض، فــقــر تــي عــام ڏيو،
مونکي تنهنجو قسم، تنهنجي سر جو قسم.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽيڪ: دلدار لٺي دل يار ويو، سو تہ سڏو سڄڻ غمخوار ويو.

1- اي مـــــاهِ لـــقا محبوب مـــٺا،
دل تـــــو ڪانسواءِ غمگـــين سدا،
ڪيئن جاليان سڄڻ مان تو ڪان جدا،
منهنجو ڪائڻ پيئـــڻ ۽ قرار ويو.

2- تنهنجي چشمن جاتا چاڪ چڪن،
ٺٽي دلڙيءَ جا ڦڙڦڙا ڪـــين ڇڻن،
اهي روزئون روز سدا ٽـــــاوڏن،
اچي ســـرتي برهہ جـــو بار ويو.

3- تنهنجي موج ۾ ڪيئي مستان ٽيا،
تنهنجي قرب ۾ ڪيئي قـربان ٽيا،
تنهنجـــي هجر ۾ ڏس حيـــران ٽيا.
جن ڪان محب مـــــٽو منڌار ويو.

4- جڏهن نينهن اچـــي نـــروار لڳو،
سڪ چين صـــبر آرام پـــــڳو،
تنهنجي نينهن جو نعرو خوب وڳو،
سرمون، سينڌ، ڦٽي، سينگار ويـو.

5- منهنجي من ۾ محبت جو مچ ٽو ٻري،
هڪ ساعت تـــــوريءَ ڪانہ سري،
ڏس آهون ٽو هت "ارشـــاد" ڪـري،
سخي صـوفين جو ســـردار ويو.

Scanned with CamScanner

كـــــافي

ٹلھ: سڈّي دلڑي ڪر ڳيو ديواني، ماندي ملڻ ڪيتي مستاني.

1. تئن ٻاجھون ھڪ ساعت نہ سَردي،
پنڌڑا اٹانگا رَوھ وچ رُلدي،
آ روندي نون ڳل لاءِ جاني.

2. ھيڪلڑي نون آمل ھادي،
اُجڑي ويڑھي ھو وَن آبادي،
ويڪان پاڪ پنھل پيشاني.

3. حال ھجردا ڪنھن ڪون سڌاوان،
تئن ٻاجھون ويري جڳ پانوان،
مل ماھي تون ڪر احساني.

4. مئن ڪملي ڪيا عشق نون ڄاڻان،
سانولڑا ھڪ ساہ سيباڻا،
جنھن دي ھجر ڪيتس حيراني.

5. "ارشاد" عشق امام اساڏا،
عشق نون سجدا سلام اساڏا،
اھو عقيده نال ايماني.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽيڪ: ساريندي تنهن ساجن ڪـــي،
اسان روئندي رات گذاري الا.

1- پهريون پيار ڏئي ڪيئي پنهنجو،
پوءِ ڏِکي ڪيئي ڏاري الا.

2- طـــعنا تـنڪا لوڪ سڃي جا،
مهڻن مُڻي آ مـــاري الا.

3- سڪ نہ سڃڻ ريءَ آهي سڙيءَ ڪي،
ڳٽتين دلڙي ڳـــاري الا.

4- حجت نہ حاجت منهنجي ڪـــائي،
زوراور ســـان زاري الا.

5- "ارشاد" عجيبن تان سر صـــدقي،
گهوري وڃان لڪ واري الا.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ: ساعت ساعت ۾ سھٽا توکي ســـــــاريان،
جدائيءَ جون گھڙيون ڏاڍيون ڏکيون گھاريان.

1- پرديس ويا پرين جن کي ساھ ساري،
نہ موقعو ملڻ جو نہ ڪو موت ماري،
دلا سا ڏئي دل کي ٿا دم دم ڏتاريون.

2- ھُيڙو حبيبن سان نِتر مـئيءَ جو ناتو،
ھاءِ وڇڻ جو مون ڇـــاڻ نہ ڇـــاتو،
پل پل پنھل کي پـــيا ٿا پـڪاريون.

3- يار ملڻ جي ڪرڪا مُنيءَ سان،
لعلڻ لائق ڪر قرب ڪُنيءَ سان،
تنھنجي اچڻ جون ٿا راھون نھاريون.

4- "ارشـــاد" سان اچي محب جو ملندا،
مولا ڪندو شل خوش ٿي تہ ڪـلندا،
ايندا اڳڻ مون جن کـــي سنياريون.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

سانگي مئيءَ جا ســـــــــڌير،
ويڙهيچاڪيئن ويهي وساريان.

1- هڪ تہ باندي بيوس بـند ۾،
ٻيا زوراور تہ رنجير.

2- قسمت قيد ڪيو هت قابــو،
لکئي لـــــوح تقدير.

3- مارن بنا من مونجهو ٿيڙو،
دلڙي ٿيم دلـــــگير.

4- "ارشاد" الائي جي انهن چو وساريو،
ڪهڙي پئي تقـصير.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

تلھ: سدا منھنجي ساھ سيباڻا، سھـــــڻل جـــا سينگار.

1- ڪجليون ڪاريون ڪيفي ڪٽاريون،
دونـــــاليون ڏوپـــار.

2- زلف سڄڻ جا ڪـــاريـــھر ڪـــارا،
ونگيون وجھن ٽاوار.

3- لعل لبن جي چـــاش چـــڪي جن،
وه وا برھ بـــــھار.

4- "ارشاد" عشق جو سبـــق پـــڙھايو،
سھڻن جي ســـردار.

سخي صوفين جي سردار.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٿلهہ: عبديت جي اولي آيو، عشق ڪـــري اظهار.

1- بشريت جو برقعو پائي،
انا احمد نام ســـڏائي،
جوڙي هـــي جنسار.

2- ڦُرَ ٻِاڏَني پـــــاڻ چوائي،
اوشاقـن سان رمز رلائي،
نينهن ڪـــري نروار.

3- ونحن اقرب يـــــار اشارو،
تو ۾ تنهنجو دوست پيارو،
هوش رکين هوشيار.

4- "ارشاد" عشق اوکو اڻـــــانگو،
نادان سمجهن سَستو سهانگو،
ڪنڌ اڏيءَ سـر ڏار.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلهه: قابو جهلي جگر کي، منهنجو ٻڌو فسانو.

1- هي نغمهءِ محبت، هي ساز ساز الـــفت،
ڳايون خوشيءَ مـــــان هِـــت هُـــت،
هي عشق جو تـــرانو.

2- هڪ يار کان جُدا مان، پرديس ۾ سدا مان،
ٽيس شـــاه مـــان، گـــدا مـــان،
ڪـــلندو رهيو زمانو.

3- ماڻهو چريو چون ٿا، مون ڏي ڏسي ڪِلن ٿا،
حـــيرت مـــان هـــي چـــون ٿا،
هـــي هوگهڻو سياڻو.

4- "ارشاد" پـــرين ايندا، مونکي به نال نيندا،
چـــني کـــين هـــو چـــڏيندا،
مـونکي ڪري ويڳاڻو.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ڪسي يار وئين تون دلڙي ڏتـــاري،
اسانکي عجيبا چو ويڻين وساري،
سَڻا سرتي طعنا، هي لوڪن سندا مون،
مگر محب مهڻـن چڏيو مونکي ماري.

1- پرين توکي پل پل ٿي ساريان سنياريان،
منا ويل هـــڪڙي نہ ويـــهي وساريان،
جدائيءَ ۾ جاني ٿي آنـــسو وهـــايان،
ڏکيءَ کي ڏکن ڏس، چڏيو يـار ڏاري.

2- وجهان روز قارون، پچان روز پانڊي،
قضا ڪوٽ ۾ هت ڪـري قيد آندي،
ملڻ لاءِ ســـــهڻا مري مفت ماندي،
ڪٽي نيڻ راهون نـــــماڻي نـهاري.

3- قبولي جنهين تنهنجي در جي غـــــلامي،
ســـو ســـائين ســـدائين آ تنهنجو سلامي،
هي "ارشاد" ازلي ٿـــيو تـــنهنجو انعامي،
اگڻ اڇ تـــون سهڻا سڄڻ واڳ واري.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلہ: لاهوتي بـــڌي لُنگ الا، هڪلي هليا هنگلاج ڏي.

1- چـــڪر چوتا چيلھ بند،
جوڳي جـــاني جُنـــگ الا.

2- چـــوري چت چريو ڪيو،
سامين جي تنهن سنگ الا.

3- ڪن چيريل هو ڪا پڙي،
نـــانگا نينهن نسنگ الا.

4- ريبي روح رمـــزن سان،
چـــوري چوري چنگ الا.

5- سِرُ تـــريءَ تي جي رکن،
"ارشـــاد" سي اڏبنگ الا.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ: مان گھوري سڄڻ تونان گھوري،
منھنجي دلڙي ڏُٽي وئـين زوري.

1- جڏھن نينھن سڄڻ توسان لاتر،
گـــل ڏاج ڏکـــن جـــو پاتر،
اِھا چـــاڻ نہ ھـــرگز چـــاتر،
تہ کـــو چپر چڏيندا چوري.

2- دل دلـــبر لـــئي آ ديـــــواني،
منو محب ڪري ويو مـستاني،
ھـــاءِ ھينڙي ھُئي حـيراني،
لائي لُونءَ لُونءَ ۾ ويو لوري.

3- ويندس ڪيچ پنھل ڏي ڪاھي،
سانگو ســـاھ ۽ سرجو لاھي،
ھتي سرتيون منھنجي چـاھي،
مـان تہ ڏونگر ٽيندس ڏوري.

4- "ارشـــاد" ازل کـــان تنھنجو،
محتاج نہ ڪر ٻئي ڪنھنجو،
آھي جـــھڙو تھڙو تنـــھنجو،
ناھي ٻيو ڪو وسيلو توري.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلهہ: مِنا چو ڪرين ٿو، نماڻن ســـــان مـــاڻا،
رسڻ ۾ رکيو چا هي، رُسين چو ٿو راڻا.

1- اکين جي اشاري وڏو مُـــــحب ماري،
سنگهارن کي ساري ٽري ويا تہ ٽاڻا.

2- پِڪُون پرت پياري، ويا دل ڏُتـــــاري،
سدا ساهُ ســـــاري ســـــوڏل سياڻا.

3- ڪاڪل ڪيس ڪارا، واسينگن جا وارا،
ونگيا سي ويـــــچارا وتن ٿا ويڳاڻا.

4- "ارشاد" ايندا چِني نـــا چـــــــڏيندا،
ونِي نال نيندا، اصـــــلوڻ ابـــــاڻا.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلهه: محب منو منڌار، اڳڙ اسانجي يار جو آيو.

1- حسن تنهنجي جو مَٽُ نہ ڪوٽاني،
دل اسانجي ڪـــــيڙءِ ديـــوائي،
جانب هجئي شل جڙي جـــواني،
ســـؤ ســـؤ ڪـــري سينگار.

2- زلف سڃڙ جا زنگي زهـــري،
ڪار ڪـهڙ جي ڪن ٿا ڦهري،
پون پٽن تي نانگ جيئن پهري،
ونـــگيون وجـــــهن ٿا وار.

3- منهن محبوب جو مهتاب مثالي،
تاب حسن جو جلوو جـــمالي،
قـــــائم آهـــي قرب ڪمالي،
سهـــڻن جـــو ســـــردار.

4- پيچ پريت جو پنهل سان پاتم،
"ارشاد" عشق اهو رنگ لاتم،
ساجن پنهنجو صحيح سجاتم،
مـــــــرشد عبـــدالستار.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

مـــٺار دلـــدار دل يـــار ســـاري،
منهنجا پاڻ موٽي ماڻ، اڄ واڻ واري.

1- تنهنجي تات ڏينهان رات وائي وات مونکي،
تنهنجو نام صبح شام ٿيو انعام مونـــکي،
هجـي شـــاد، آبـــاد تنهنجي ياد مـــونکي،
ڦٽ، فراق، چکن چاک چڏيو ڏکن ڏاري.

2- لڳي لوري جِهڃڙ جـــهوري آڏ گهوري سهٽا،
هَئہ حـــرام، ٿيـــو، طـــعام ۽ آرام ســهٽا،
پسي حال ڪري يـــال اچيـــن شال سهٽا،
اڳڙ ايندين نِڌر نيندين ڪيل قول پاري.

3- تولاءِ جاني ديواني مـــستاني مانـــدي،
لکئي لوح بي ڏوهہ ڪري قيد آنـــدي،
ويون واهون ڪري آهُون بيوس باندي،
هڪ ناز جي نگاهہ وڏو مـــحب ماري.

4- "ارشاد" کي شاد دلشاد ڪرتـــون،
ستار سردار ولهيءَ وِير ورتـــون،
مهندار مختيار من مهر ڪر تون،
بدڪار بيڪار لڳو تنهنـــــجي لاري.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ: منھنجي جانِ جڙي گھاريان ھڪ نہ گھڙي،
مـــنھنجي آھـــي اور عـــجيب سان.

1- جدا جانب کان گھنگھر ٽيو گھاڙ،
سھمن منجھ سڙي.

2- بيوس دلـــــڙي دلـــبر ڏتارِي،
قربن منجھ ڪڙي.

3- نيٽين ننـــد نہ نـــصيب نڏرکي،
دردن لائـــي ڏڙي.

4- "ارشاد" الائي ڪيئن اوچتواچانڪ،
منھنجي اکڙي اَڙي.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلهه: منهنجي سانگين ريءَ نه سري ڙِي سري،
ويندس ملڪ ابـــــاڻي وري ڙِي وري.

1- سانگي سانگ ڪري ڏيـــهون ڏور ويا،
اچي سامهان سڙيءَ ڪـــي ســـور ٽيا،
مونکي پـــل پل پنهنوارن جا پور پيا،
انهيءَ ڳٽتيءَ ۾ ويندس ڳري ڙي ڳري.

2- جاني جاڙ ڪري ٽيا جيئري جـــدا،
تن سامين لئي رهيس سڪندي سدا،
وري ميلي انهن ســـان شـــال خدا،
نه ته پـــــوندم هِنيانءُ ڏري ڙي ڏري.

3- گهنگهر ڏينهڙا جدائيءَ جا گهاريان ٽي،
رند راهـــون روز نهاريـــــان ٽي،
اگڙ آٽڻ تـــن لـــئي ٻـــهاريان ٽي،
چوري چٽڙي ڪئي جن چري ڙي چري.

4- پُکي عشق ازل کان "ارشاد" پيو،
سچ ڪاڻ پيئڻ سپ زهـــر ٽيو،
اچي اوچتو ڪـــهڙو قهر ٽـيو،
ويندس محب منا مان مَري ڙي مـــري.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ھ: منهنجي مارن وجي ڪيو ملڪ پري،
هتي ڏور ڏڪيءَ جو ٿو ڏيـــــل ڏري.

1- غم گوندر ۾ ويا گـــــولي گـڏي،
الائي ڪهڙي سبب هت چوري چڏي،
شل سانگي سڏر اچـــن ٿُرت تـڏي،
جن لاءِ مفت هتي ٿي ماندي مـري.

2- ڏسي ڏوهه بـــــــديون بيزار ٿيا،
مَٽي منهنڙو مونـــــكان مننار ويا،
ڏکي ڏار ڪري هُو ڏار ٿـــــــيا،
منهنجي ساعت تن ريءَ ڪانه سري.

3- قاصد قرب ڪري وجي پيـــــرين پئج،
ساري سلام سڙي جا سنگهـــارن ڏج،
جيئن مان ٿي چوان تيئن پـــرين چئج،
ڏج نياپا نياز سان آزي ڪـــــري.

4- اٿر اميد اها ا"ارشـــــاد" اچـــن،
اِهو قرب ڪميني ۽ تي ڪيچي ڪن،
جوڙي جادو جيءَ ۾ هـــــنيو آ جن،
شل واءُ وصل جو وري ڪـو وري.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ: وري آ وطن تي سھڻا، سدا توکي ساھ ساري،
دلـــــڑي وئـــين دلـــــبر دَلـــبا ڏئي ڏتاري.

1- سکايل کي سدا تنھنجو منا انتظار آھـــي،
تنھنجي ھجر ۾ سھڻا دل بيقرار آھـــــي،
پردا حـــجاب لاھي اڇ يـــــار واڳ واري.

2- ڪري واعدا ياد تنھنجا، وھن نيڻ روز منھنجا،
سڀ قول ڪيل پنھنجا، ويٺين وڃي وســاري.

3- جيئري ڪرڻ جدائي جاني نہ تَو جڳائـــي،
چاکون چني وئين دل پيڇ پرت پـــــائـي،
لوري سڃڻ وئين لائـــي، شب روز ڳڻتي ڳاري.

4- "ارشاد" اصـل تنھنجو، توريءَ ٻئي نہ ڪنھن جو،
پرتو اٽئي ھـي پـــنھنجو، لالڻ لـــڳو آ لاري.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

وساري هُو وڃي ويـــــنا،
ڪري ڏوہٹ ڪي سي ڏاري.

1- ڏاڍا ڏونگر ڏنم ڏڪـــــــڑا،
پانيان تي سي سيئي سُـــڪڑا،
پسائن من پـــــــرين مُڪڑا،
آهيان محبت جي مان مـــاري.

2- جبل ۾ جتـن لاءِ جڪنـــــدي،
ستڑيءَ کي سـال ٿيا سڪندي،
لڪن ۾ سا، رهي لـــــڇندي،
وسائي ســـــــر متي واري.

3- پٽون هي پير تـــــيا منهنجا،
زوراور ڏيـر تـــــيا منهنجا،
پنهل ڪارڙ ڇـــڏيم پنهنجا،
ڏئي من دوســـت دلـــــداري.

4- لڳي "ارشاد" آ، لـــــــــوري،
جتن تان جان جند گـــهوري،
ڏئي ويا جيءَ اندر جهـــوري،
زوراور سان سنـــدم زاري.

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽلھ:ھجر ۾ ھيڏا ٽيا حال، مُنھنڙو مڻيءَ وجي يار تون ويڻين.

1- ڪِي نہ وڻي مون ٻي ڪا وائي،
محبن ريءَ تہ مقال.

2- ساعت ساعت ڪاڙ سڪـــندي،
ٽيڙا سڙيءَ ڪي سال.

3- سڪ ڏئي سور پلئہ مون پـــاتا،
برھ لڳو تہ بـــحال.

4- ڦارون پايان واڻون نھاريـــان،
"ارشاد" ايندم شـال.

****

Scanned with CamScanner

ڪـــــافي

ٽڪ: هيڏي هوت ڪئي ڪَلَ ڪانہ پئي،
مـــــونکي رولي ويا تہ رنـدن ۾.

1- سُتـــــــــــي ساڻ سڃڻ سنيايو،
مونکان ويـــــل وئـــــي.

2- ملندس محب سان اڄ يا سپاڻي،
چـــــوندیس حـــــال ڄئي.

3- ووڙيندس مان خان پنهل لَئـي،
رائـــــــو ۽ تـــ رَ ئـــي.

4- "ارشاد" ايندا اگڻ مون جانـــــي،
نـــيندا نـــــال نئـــــي.

****

Scanned with CamScanner

بيت

رُباعي

(1)

الف الله جَوءُ هيڪڙو، وحدت وِڪَ وَڏاءِ،
جَاءَ الحق وَزَهَقَ الْباطِل، اِيُّ هِنئين سين لاءِ،
رکي ريج ربّ سان، سيني حق سماءُ.
سُتي تونہ سُهَاءِ، اٿي اور عجيب سان،

(2)

اٿي اور عجيب سان پيائيءَ کي تون پار،
وحدهٗ لاشريک لهٗ، وحدت کينَ وسار،
سپ پُورِي دَر دليلن جا، هيڪو هيڪ نهار،
"ارشاد" اکُ اهائي ڏار، جنهن سان ميلو ٿئي مطلوب جو.

(3) ٽي سٽو

پنو پڙهيم پرت جو ورائي ورق،
سمجهيم ساجن سرت سان، ساڻ فهم درک،
سورن جو سبق، ارشاد عجيبن مون ڏٺو.

Scanned with CamScanner

(4)

"ارشاد" اباڻن جي آهي اندر منجهه اُڪير،
ڏيهون ڏور پرين ويا، اُهي مرد منا مُهمير،
سدا منجهه سرير، آهي اُڏ ٽُڏ اباڻن جي.

(5)

سدا منجهه سرير، تن سنگهارن جي سار،
فاذڪروني اذڪركم، پلهءِ پئي ته پچار،
سڪندي سپ چمار، رهيس ارشاد اباڻن ڪي.

(6)

مارون مون مليرِ ۾، ڪيئن ويهي وساريان،
ڏاڏا ڏڪيا ڏينهڙا، گوندر منجهه گهاريان،
شل پَتِ وجي پاڙيان، "ارشاد" اباڻن سان.

(7)

اکين سان عجيبن، ڪيو شوق شڪار،
دونالين ديدن جون، ٿيون هينڙي پار،
ساجن لهه سنيار، اڇ اڳڻ "ارشاد" جي.

(8)

موهي مَنُ منهنجو، ڪيو حبيبن حيران،
چوري چت چري ڪئي، پنهل پريشان،
ويا وهر گمان، جڏهن ارشاد اچي انڪيون اکيون.

Scanned with CamScanner

(9)

اکيون انڪيون اکين سان، لڳو نينهن نروار،
سڪ سُمهڻ چَين نِيو، تنهن پرينءَ جي پچار،
ساجن توکان ڏار، ارشاد ٿو آهون ڪري.

(10)

منهنجو ماروئڙن لئي، سِڪي مَنُ سدا،
ويڑهيچن کان ورهيہ ٿيا، جاني مون جدا،
ميلي وري خدا، ارشاد اباڻن سان.

(11)

کي ابرن جي اشاري کُنا، کي گهايا تنهنجي گهور،
نازڪ نسنگ نانگا نچن، تنهنجي محبت ڪيا مخمور،
تڪبر شان غرور، "ارشاد" عشق وڃائيو.

(12)

"ارشاد" عشق وڃائيا، خودیءَ وارا خيال،
ڪائڻ پيئڻ زهر ٿيو، جيئڻ مون جنجال،
هيٺا ٿيا اٿر حال، سڃڻ اوهانجي سڪ ۾.

(13)

سڃڻ اوهانجي سڪ ۾، منهنجون اکيون رَتُ رُوَنِ،
سڏڪا پريان سڏڙا ڪيان، هُو ويا شال وَرن،
من ڪا مِهر ڪرن، جو اچن اڳڻ ارشاد جي.

Scanned with CamScanner

(14)

اچـــن اڳڙ "ارشاد" جي، اُهي صورت جا سردار،
قابـــو قرب ۾ جن کـيو، اُهي حاڪر حڪمدار،
مـــٺڙا مـــون منهندار، شل هڪ پيرو هلي اچن.

(15)

سارينديِ سڃڻن کي، منهنجي روئيندي گذري رات،
بـــــرهہ آ بـــيتـــاب کـــــيو، کڻي ڪريان بات،
پرهہ ڦٽي پرپـــاڻ، تہ بہ "ارشـــاد" اکيون آليون هيون.

(16)

مـــنهنجي مـــحبوبن سان، آهي جانِ جَڙِي،
سڪندي کي سال ٿيا، سهمن منجهہ سڙي،
اوچـــــتي اک اڙي، ارشـــاد عجيبن سان.

(17)

گوندر ۾ گوليءَ جي، آهي نيٽـين ننڊ حرام،
انـــئي پـــهر انـــتظار ۾، اچـــيس نہ آرام،
صبح توڙي شامَ، آهي اوسيڙو "ارشاد" کي.

(18)

هِنيون مون حيران کيو، تنهن رانول جي رِهاڻ،
هـــوش عقل عشق نِيو، نہ تہ هيس گهٽي سُجاڻ،
"ارشـــاد" اچـــي هاڻِ، مهٽا سَنا ڪَر ملڪ جا.

Scanned with CamScanner

(19)

مـــهڻا سَڏا ٿَرِ مـــــلڪ جا، بديون ۽ بهتان،
هيس اڪابر عقل جي، هڪ نِينهن ڪيو نادان،
گهوري جند ۽ جـــــان، ارشاد عجيبن تان.

(20)

"ارشاد" عجيبن تان، گهوريان مال مَڏي،
جَڏِي جندڙي جانب آ، گوندر منجهه گڏي،
ڪُسڻ ڪاتُ اڏي، اڄ آيو سِرِ "ارشاد" جي.

(21)

آيـــــو سِرِ ارشاد جي، اڄ برهه وارو بارُ،
ڪونهي محرم مَن جو، نڪوئي غمخوار،
دلـــبر ڪان هِتِ ڏار، سور اچي سامهان ٿيا.

(22)

ڪسي دل وڃي ڏُور ٿئين، توڪي جاني هجي جَسُ،
راتو ڏينهان روح ۾، اٿر تنهنجون رهاڻيون رَسُ،
بـــاندي ٿيس بيوس، "ارشاد" اچي هن ڪوٽ ۾.

(23)

قَال هٰذا فراق بَيْنِي وَبينكم، ٿيس پرينءَ ڪان پـــري،
اَلفرَاقُ اَشَدُ مِنَ المَوتِ، منهنجي ساعت ڪين سَري،
اهڙو ڪو واءُ وري، جو "ارشاد" اچن الله ڪـــــري.

Scanned with CamScanner

(24)

"ارشاد" اچن الله ڪري، اُهي مارون منهنجا ميرَ،
ساري سانگيئڙن کي، مـنهنجي دلڙي ٿي دلگير،
هيٺي هيءَ حقير، اَڏُـوَ اوهـــانجي آســري.

(25)

اَڏُوَ اوهان جي آسري، گرِي هيءَ گـــــولي،
حجت هيٺيءَ ناهِ کا، آهي ٻانهپ جي ٻولي،
جهلي هيءَ جهولي، "ارشاد" ٿو آزيون ڪري.

(26)

بدّل هئي پاروچل سان، کا ٻانهپ جو ٻولـي،
ڏيـئي مون کي ڏير ويا، سا ڏکن جي ڏولـي،
سورن جـــي لـــولي، "ارشاد" امڙ مون ڏني.

(27)

"ارشـــاد" امڙ مون ڏني، اڄ وڏي واڌائي،
سُـــک ويا سور مليا، آءٌ سورن ۾ ڄائي،
لـکئي لـــنءُ لائي، ڏُونگر ۽ ڏاڍن سان.

(28)

قـــضا قـــلم وهائيو، بيوس ٿـــيس آئون،
ڏکـــن ڏيـــل ڏَڏِيو،پيون ڇيـــري ۾ ڄائون،
لکئي جون لائون، "ارشاد" اچي آڏيون پيون.

Scanned with CamScanner

(29)

"ارشاد" اچي هن ڪوٽ ۾، مون نيٽين وهايم نير،
هـــڪ پـــيرو هـــلي اچن، سانگي سي سُڌيـــر،
مـــارون منهنجا ميرَ، پر مون ۾ سڀ مـــدايون.

(30)

جاني جِيءُ جَڏيءَ کي، آهي، جهجڻ ۽ جهوري،
لالـــــڻ مون لائي ويو، لُونءَ لُونءَ ۾ لَوري،
گهـــــوري ووگهوري، "ارشاد" عجيبن تان.

(31)

"ارشـاد" ناهي انهن ريءَ، ڪو قلب قرار،
مَـــٽي منهن محبوب ويا، وجي ٽيڙا ڏار،
ڪڏهن ايندا يار، "ارشاد" آسُون ٿي رکان.

(32)

اچـي عجيبا، منهنجو جَڏو جياريو جيءُ،
ٽڪيءَ جو ٽَرن ۾، اچي حامي هادي ٿيءُ،
پَسي حال هيءُ، اڄ اوتاري "ارشاد" جي.

(33)

اوتـــاري "ارشاد" جي، توکي نهارين نـيڻ،
سيلهن جو سونهو ٿي، سُوريا کيم سيڻ،
وريـــو ڏيـــن ويـــڻ، هـر هر حبيبن جا.

Scanned with CamScanner

(34)

سڪندي رهيس سهاڳ لئي، سرتيون سڀ جمار،
نڪو پاڳ پَلائيو، نہ ڪِي پيرو ڪيو پَتارَ،
هادي عبدالستار ۾، آهن اميدون "ارشاد" جون.

(35)

آهن اميدون انهن کي، جن قربئون ڏنو ڪاهي،
مانجهي آيا ميدان ۾، سانگو سِر لاهي،
ميدان ملهائي، وڃي "ارشاد" رِيڌا رب سان.

(36)

رِيڌا اُهي رب سان، جن طمع ڪئي ترڪ،
احد، احمد هڪ، ڏنائون وڃائي فرق،
مردن جو مَرَڪُ، "ارشاد" عشق ازل کان.

(37)

ڪُڻي تو قرب ۾، دلبر ديدن ساڻ،
ڪيفي ڪٽاريون ڪاريون، هينڊي هَنيئي هاڻِ،
ٻيو نہ هٽج ٻاڻ، تنهنجي هڪڙي ئي هاجوڪيو.

(38)

آهي عجيبن مون ڏنو، هي سڙڻ ۽ ساڙو،
ڪانهي واند وجود ڪي، هڪ ڪَڙهڻ ٻيو ڪاڙهو،
چريءَ جو چاڙهو، "ارشاد" ناهي انهن ريءَ.

Scanned with CamScanner

(39)

اٽئي پهر اکين ۾، تنهنجي صورت سامائي،
بـــنا تنهنجي سُپرين، ٻي وات ناهي وائي،
"ارشـــــاد" اجائي، ٻي ٻولي ٻاروچن رِي.

(40)

سُـــهاڳٽيون ســـدا ڪن، سرمو سِينـڈِ ڦٽي،
ڏاڙو هٽي دلدار ويو،منهنجي زوريءَ دل ڪٽي،
سڃڻ جا وٽي، "ارشـــــاد" مون اکين تي.

(41)

سڃڻ بنا سرتيون،سُرمـون مون نہ سُـــــهاءِ،
هن جڏِيءَ جي جِيءَ ۾، جانـــب جوڙي جاءِ،
قادر محب مِلاءِ، تہ سُرمو پايان سڪ مـــان.

Scanned with CamScanner

دُعائيہ بيت

(42)

هي سپ ستاري اٽئي سام تنهنجي سيدا،
آقا عـــــاجزن تـــــي ڪرمولا منهداري،
داتا دلـــــــــداري مير محمد منگتن ڪي.

(43)

مير محمدؐ منگتن تي، تون قربئون ڪرم ڪريج،
سيد ستارين ڪي، ڪو در هـــــــــو دان ڏيئج،
ساري سار لهيج، ڪارن ۽ ڪـــــــــوجهن جي.

(44)

ڪمينن ٻيو ڪير، ســـــوا تنهنجي سُپرين،
هادي هدايت سان، مَـــــــن جو لاهي مير،
غازي ڪڍي غير، ستاري سپ صاف ڪيا.

*****تمّت بالخير*****

Scanned with CamScanner

دعاءِ ختم

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ انْفَعْنَا وَرَفَعْنَا بِالْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ وَعَهِدْنَا وَبَارِكْ لَنَا بِالْآيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ وَ تَقَبَّلْ مِنَّا دُعَآئَنَا يَااَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ وَلاَ تُخْزِنَا يَوْمَ نَبْعَثُوْنَ وَاجْعَلْنَا مِنْ عِبَادِكَ الصَّالِحِيْنَ وَاَدْخِلْنَا فِيْ رَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ الصَّالِحِيْنَ وَاَنْتَ خَيْرُ النَّاصِرِيْنَ اَللّٰهُمَّ بِلِلْعُسْلِ ثَوَابِ مِثْلِ هَادِيَةِ الْخَتْمِ الْقُلْ مَعَمُوْرٌ نَتْلُوْ مُتَبَرِّكَةo 1. ثُمَّ اَعْلٰى جَنَابِ حضرت سَرْوَرِ كَائِنَاتَ صَاحِبُ الْبُرَاقِ وَبَرَكَةُ جَدِّ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ شَفِيْعُ الْمُذْنَبِيْنَ حضرت محمّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمo. 2. ثُمَّ اعلٰى جناب حضرت خَمْسِ الطَّيِّبِيْنَ الطَّاهِرِيْنَ وَالْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِيْنَo 3. وَعَشَرَةُ الْمُبَشَّرِيْنَ وَلِجَمِيْعِ الصَّاحِبِ رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنo 4. ثُمَّ اعلٰى جناب حضرت قُطْبِ رَبَّانِيْ محبوب سُبْحَانِيْ هَيْكَلِ نُوْرَانِيْ مُعِيْنِ مُرِيْدَانِيْ مَالْجَاءِ بَيْكَسَانِيْ وَغَرِيْبَانِيْ حضرت ثَقَلَيْنِ قُطْبِ الْكَوْنَيْنِ مَحْبُوْبُ الْقِبْلَتَيْنِ حضرت ميران شاه مَهْدِيَيْنِ شيخ عبدالقادر جيلاني گيلاني رحمۃ اللہ علیہ تعالٰى اَجْمَعِيْنَ. ثُمَّ اعلٰى جناب حضرت كَامِلِ الزَّمَانِ هَادِيَ الدَّوْرَانِ خَلِيْفَةِ الرَّحْمٰنِ حضرت مُكَمِّلِ اَوْلِيَاءِ اَكْمَلِ رَهْبَرِ راهِ رَسُوْلُ اللّٰهِ شَهِيْدِ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ حضرت جناب مرشد سائين شاه عنايت الله سرتاج صوفيان رحمۃ اللہ علیہ تعالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَo 5. ثُمَّ اَعْلٰى جناب قُطْبُ التَّارِكِيْنَ مَحْبُوْبُ الْعَارِفِيْنَ بَرْ گُزِيْدَه سَالِكِيْنَ سائين ارشاد عباس رحمۃ اللہ علیہ تعالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَo 6. اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ رَبَّنَا رَبِّنَا يَا مَوْلَانَا اِنَّكَ قَرِيْبٌ مُجِيْبُ الدَّعْوَاتِ وَيَا قَاضِيَ الْحَاجَاتِ وَيَا كَافِيَ الْمُهِمَّاتِ وَيَا عَالِمَ سرور كَائِنَاتِ فِيْ الدَّارَيْنِ اَجْمَعِيْنِ آمين بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَo.

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

دعا جو ترجمو

اي الله ﷻ! اسانکي هن عظمت واري قرآن پاڪ جي توسط سان، نفعي ۽ بلنديءَ وارو بٹاءِ ۽ هن پاڪ ڪلام جي آيتن ۽ حڪمت واري ذڪر جي برڪت سان، اسان کي الستي واعدي سان وفا جي توفيق عطا فرماءِ.

اي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ! تون ئي اسان جي دُعائن کي قبول ڪرڻ فرماءِ!

اي جهانن جا پالڻهار!

اي بهترين مددگار!

اي الله! تون اسانجي ڇهرن کي هرگز نہ بدلائجانءِ!

اي الله! هن هدايت واري قل شريف جي ختم کي جيڪو برڪت پريو ڪلام، اسان پڙهيو آهي ۽ اهو ڪلام اسانجي باطن جي تعمير پڻ ڪندڙ آهي، انکي اسانجي لاءِ وڏ ۾ وڏ ثواب ۽ مناڻ وارو بٹاءِ!

پوءِ اهو اجر ۽ ثواب، اعليٰ جناب، حضرت سرور ڪائنات صاحب البراق ۽ برڪت پرين هستين يعني حضرت امام حسنؓ، حضرت امام حسينؓ جن جي نانا سائين، شفيع المذنبين، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي حضور پيش ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب پنجتن پاڪ، خلفاءِ راشدين ۽ عشرهِ مبشره ۽ ٻين سمورن اصحابي سڳورنؓ جي حوالي ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب، حضرت قطب رباني، محبوب سبحاني نوراني هستي، مريدن، بيڪسن ۽ غريبن جو محافظ

Scanned with CamScanner

۽ مددگار، جن و انس جي مرشد، قطب الڪونين، محبوب القبلتين، حضرت ميران شاھ، حضرت هادي شيخ عبدالقادر جيلانيؒ جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب جناب ڪامل الزمان، وقت جي هادي رهبر، خليفتہ الرحمان حضرت مڪمل، اڪمل الاولياءِ، رهبر راه رسول الله ﷺ شهيد في سبيل الله، صوفين جي سرتاج، مرشد سائين صوفي، حضرت شاھ عنايت الله شهيدؒ جن جي بارگاھ ۾ پيش ڪريان ٿو. پوءِ اهو اجر ۽ ثواب، قطب التاركين، محبوب العارفين، سلوڪ جي خاص صاحب، سائين ارشاد عباسؒ جن کي پڻ پيش ڪريان ٿو.

اي الله ﷻ! سمورن مؤمنن، مؤمنياڻين، مسلمان مردن، مسلمان عورتن جي مغفرت فرماءِ ۽ کين حاصل ڪلام جو اجر ۽ ثواب عطا فرماءِ!

اي اسانجا پالڻهار! بيشڪ تون، تمام گهٽو ويجهو ۽ دعائن کي قبول ڪندڙ آهين ۽ تون ئي حاجتون پوريون ڪندڙ آهين ۽ تون ئي مشڪلاتن کي حل ڪندڙ آهين ۽ تون ئي سمورن جهانن جو سردار ۽ مالڪ پڻ آهين.

اي وڏ ۾ وڏ رحم ڪندڙ رب پاڪ! پنهنجي رحمت سان اسانکي ۽ اسانجي دعا قبول ڪرڻ فرماء.

<<<<<نوٽ>>>>>

ڏهاڙن ۾ سالياني ميلي جي موقعي تي درگاھ پاڪ تي گهري ويندڙ قديمي دعا...

Scanned with CamScanner